1.ڊاڪٽر شير مهراڻي
2. امهاني سنڌو

# نائين ۽ ڏهين درجي لاءِ مقرر ڪيل نصابي ڪتاب "سنڌي لازمي" ۾ شامل مضمونن جي ٻوليءَ جو تنقيدي جائزو

## (A CRITICAL REVIEW OF THE LANGUAGE OF THE ESSAYS INCLUDED IN THE TEXTBOOK "SINDHI COMPULSORY" FOR NINTH AND TENTH CLASS)

***Abstract:***

*Curriculum is known as a guide line given by the policy makers for the teachers to teach and for the students to learn. The targetedconsequence of any good curriculum isthe successful transferof information, skills, and attitudes to the learners. In Sindh; the Curriculum designed by Sindh Text Book Board is being taught. The Sindh Textbook Board was established in January 1971, through an Ordinance 1970. In this research paper I have critically analyzed the Book "Sindhi Compulsory" for the 9th and 10th class; being taught in all the schools of Sindh. This book was accepted through letter* NO. SELD/HCW/181/2018: 24.08.2020, for the educational institutes of Sindh.

*In this study I have pointed out the syntax as well as linguistic mistakes. In this research paper; I also have given the veracious suggestions to correct the errors.*

سنڌيءَ ۾ لفظ نصاب لاءِ اردوءَ ۾ پڻ ساڳيو لفظ يعني "نصاب" ڪتب آندو ويجي ٿو. جڏهن ته انگريزيءَ ۾ نصاب لاءِ لفظ "ڪريڪيولم (Curriculum" ڪم اچي ٿو. عام طور تي"نصاب" مان مراد 'اها تحرير يا ڪتابي مواد جيڪو ملڪ جي سرڪاري تعليمي ادارن پاران مختلف درجن/ڪلاسن لاءِ مقرر ڪيل هجي'. سنڌ ۾ پهرئين درجي کان ائين درجي تائين ۽ وري مئٽرڪ توڙي انٽر جي ڪلاسن لاءِ بورڊ، خاص طور سنڌ بورڊ جي لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشوري پاران مقرر ۽ جاري ڪيل ڪتاب نصابي ڪتاب سمجهيا ويندا آهن. جڏهن ته يونيورسٽيون هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي هدايتن هيٺ پنهنجو نصاب پاڻ تيار ڪنديون آهن. پاڪستان ۾ هر صوبي اندر ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ موجود آهن، جيڪي مجيل استادن



جي صلاح مشورن سان نصاب تيار ڪن ٿا ۽ پوءِ اهو نصاب شاگردن کي پڙهايو ويجي ٿو. گذريل ڏينهن ۾ ملڪ ۾ گڏيل نصاب پڙهائڻ تي تمام گهڻو بحث ٿيو ۽ چيو ويو ته:

> قومي سطح تي هڪجهڙو نصاب متعارف ڪرائڻ جو مقصد شاگردن ۾ تجزياتي ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ، شاگردن ۾ پاڪستانيت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ سچائي، ايمانداري، برداشت، هم آهنگي، ماحوليات بابت آگاهي، جمهوريت، انساني حقن، جٽادار ترقي بابت آگاهه ڪرڻ آهي، هڪ جهڙي تعليمي نصاب ۾ شاگردن جي ڪردار سازي تي به خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. *(voc:16576)*

پر مختلف صوبن مان خاص طور تي سنڌ مان هڪجهڙي نصاب تي ڪافي اعتراض واريا ويا ۽ آخر ۾ طئي ٿيو ته ڪجهه مذهبي ۽ قومي موضوعن کان سواءِ هر صوبو پنهنجو نصاب پاڻ تيار ڪري سگهي ٿو. نصاب ۾ وقت بوقت تبديليون ڪيون وجن ٿيون ته جيئن شاگرد جديد موضوعن، علمي بحثن ۽ سائنسي ترقيءَ کان واقف ٿي سگهن. ملڪ جي هاڪاري عالم، اديب ۽ ڏاهي محمد ابراهيم جويي صاحب نصاب يعني ڪريڪيولم جي معنيٰ ۽ وضاحت لاءِ "ڪريڪيوليم ڇا آهي؟" جي عنوان سان هڪ لاپائتو مضمون لکيو. جنهن ۾ جويي صاحب لکيو ته:

> نصاب لاءِ انگريزيءَ ۾ لفظ "ڪريڪيولم" (Curriculum) ڪم اچي ٿو. "ڪريڪيولم" لفظ جي معنيٰ لاءِ آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنريءَ جي صفحي جو لڳ ڀڳ سڄو ڪالم مون کي پڙهڻو پيو، تڏهن وڃي ان لفظ تي نظر پيم، ۽ ان تائين پهچندي پهچندي، مون کي ان سان لاڳاپيل ٽي لفظ پڙهڻا پيا- "ڪرينسي" (Currency) ، ڪرينٽ (Current) ۽ ڪريڪل (Curricle) لفظ "ڪرينسي" جي معنيٰ ڏيکاريل هئي: "مدت يا وقت، جنهن ۾ ڪا شيءِ ڪرينٽ هجي. مروج هجي، چالو هجي"؛ ٻي معنيٰ ڏيکاريل هئي: "سڪو، جيڪو ڪنهن ملڪ ۾ 'ڪرينٽ' هجي، چالو هجي، سچ پچ استعمال ۾ هجي؛ ٽين معنيٰ هئي"هلڻ، چالو رهڻ- جيئن سڪي جو يا ڪنهن دوا جو يا حڪم جو هلڻ يا چالو رهڻ". لفظ "ڪرينٽ" جِي صفت جي

صيغي ۾ معنيٰ هئي: ”عام رواج ۾ يا استعمال ۾- جيئن سِڪا، خيال، رايا يا لفظ جيڪي عام رواج ۾ يا استعمال ۾ هجن“. . .ان کان پوءِ منهنجي ڳولا وارو لفظ ”ڪريڪيولم“ آيل هو جنهن جي معنيٰ ڏيکاريل هئي: ”گس“ بس، ”گس“، يعني ”سڙڪ، راهه، رستو يا پنڌ جيڪو وٺي هلجي يا جنهن تان ڊوڙجي“. هن جاءِ تي، ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ واري لفظ ”گس“ جي آخر ۾ ڏنگين اندر صفاتي لفظ ”تعليم جو“، ”مطالعي جو“، لکيل هئا- جن جي گڏجڻ سان ”ڪريڪيولم“ جي اصطلاحي معنيٰ وڃي پئي ٿي ”مطالعي جو گس، تعليم جو گس، تعليم جو رستو“ هي سپيئي لفظ- ”ڪرينسي، ڪرينٽ، ڪريڪل، ڪريڪيولم.“- لغت ۾ لاطيني ٻوليءَ جا لفظ ٻڌايل هئا، جيڪي نڪتل هئا هڪ ئي بنيادي لفظ ”ڪريني“ (Currene) مان، جنهن جي معنيٰ ڏنل هئي: ”ڊوڙڻ“. اِن سڀ تفصيل مان ڏسي ٿو سگهجي ته هلچل، تحريڪ، ڦير گهير، وڌڻ جو رخ، رفتار، ڊوڙ جو پنڌ اڳتي وڃڻ- ڊوڙ ۾ يا ريس ۾ وقت جي پڇنڊڙ رٿ سان سدائين ٻٽوبٽ- اِهي ئي ’ڪريڪيولم‘ جا، يا، تعليمي زبان ۾ چئجي ته، ”تعليم جي گس يا رستي“ جي وصف جا لازمي جزا يا عنصر هئا.(جويو، 2015، 387، 388)

پنهنجي هن مضمون ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب ڪريڪيوليم جي لفظ تي طويل بحث ڪانپوءِ لکيو آهي ته:

> ڪريڪيوليم جو سچو مسئلو سچ پچ ته هڪ ئي سوال جي صورت ۾ بيان ٿي سگهي ٿو: ۽ اهو آهي ته ڇا سيکارڻو آهي، ڪڏهن سيکارڻو آهي ۽ ڪيئن سيکارڻو آهي؟ هن سوال کي زير تعليم شاگرد جي مسئلي طور پيش ڪندي، هيئن به بيان ڪري سگهجي ٿو ته ڇا سکڻو آهي، ڪڏهن سکڻو آهي ۽ ڪيئن سکڻو آهي؟ (جويو 2015، 399)

جويي صاحب پاران ڪريڪيوليم جي ڏنل اهڙي معنيٰ کي سامهون رکندي نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي لاءِ مقرر ڪيل سنڌي لازمي واري نصابي ڪتاب جو جائزو وٺجي ٿو.نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي لاءِ مقرر ڪيل سنڌي لازمي جو نصابي ڪتاب، ”سنڌ



حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر .NO SELD/HCW/181/2018: 24.08.2020 موجب سنڌ صوبي جي سيني اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل آهي. (سنڌي لازمي، 2022، بئڪ ٽائيٽل ڪتاب ۾ هيءُ به ڄاڻايل آهي ته: ”ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو چڪاسيل“ (سنڌي لازمي، 2022، اندريون ٽائٽل/ٽيڪنيڪل صفحو)

هيءُ ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي. هڪ نثر جو ڀاڱو ۽ ٻيو نظم جو ڀاڱو. نثر واري ڀاڱي ۾ چوڏهن مضمون ڏنل آهن، جن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا اخلاق مبارڪ، حضرت امام حسين عليه السلام، علامه آءِ آءِ قاضي، گنجي ٽڪر جو سير، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، سچائي، ڪاهوءَ جو دڙو، وسڪارو، ساٽيهه جي سڪ، ٻين جا عيب برداشت ڪرڻ، شاهه جي ٻوليءَ جو معيار، جمشيد نسروانجي- هڪ نيڪ دل انسان، ڪڇي جو سير ۽ شخصيت ۽ لباس شامل آهن. افسانوي ادب ۾ ٽي ڪهاڻيون ڏنل آهن، جن ۾چريائي، موڪلاڻي ۽ بد تميزشامل آهن. هن ئي ڀاڱي ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻي، ”سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، هڪ ناول ”اونداهي ڌرتي روشن هٿ“ مان ڪجهه صفحا، علي بابا جي ڪهاڻي چنڊ ۽ مانيءَ جي ڊرامائي شڪل، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جي آتم ڪٿا، ”منهنجي مختصر آتم ڪهاڻيءَ“ جو هڪ باب، الطاف شيخ جي سفر نامي ”سينگارپور ۾ ست ڏينهن“ جو هڪ باب ، طنز ۽ مزاح واري ڀاڱي علي احمد بروهيءَ جي مزاحيه ڪهاڻي”عدو موچيءَ جو راڳ سکڻ“ ۽ ادبي خطن جي حصي ۾ شيخ اياز جو ”چانڊوڪي ۽ مان“ جي عنوان سان لکيل خط شامل آهي.

هن ڪتاب جي نظم واري ڀاڱي ۾ اٺويهن شاعرن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ شاعريءَ جو نمونو ڏنل آهي ۽ آخر ۾ نون لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي.

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي لاءِ مقرر ڪيل سنڌي لازمي جي هن نصابي ڪتاب جو پهريون مضمون،”حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا اخلاق مبارڪ“ آهي. مضمون کان اڳ ”سکيا جي حاصلات“ جي عنوان سان هي ستون لکيل آهن.

> تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگهي. نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. تحرير جي مرڪزي خيال، نڪتي يا تصور تائين

> پھچي سگھي. سوالن جا جواب ڏئي سگھي. اسم جو ڦيرو ڇاڻي سگھي. ( سنڌي لازمي, 2022, 6)

تحرير جي حاصل مطلب مان مراد “Objectives of the Study” هوندو آهي. Objectives of the Study مان اها مراد ورتي ويندي آهي ته هيءَ تحرير پڙهڻ يا پڙهائڻ کان پوءِ شاگرد کي ڪھڙو لاڀ ملندو.

(Research objectives are concise statements that describe what the research is aiming to achieve)

يعني هيءَ اها مختصر تحرير هوندي آهي, جنهن ۾ حاصل مقصد جي باري ۾ ٻڌايو ويندو آهي. هيءُ ڪنهن به تحرير جو اهم جزو هوندو آهي, ۽ ان کي تمام گھڻي ڇنڊڇاڻ سان لکڻ گھرجي. جيئين مثال طور ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي نصابي ڪتابچي ۾ ڪورس نمبر 432(سنڌي ٻوليءَ جوتعارف)جو حاصل مقصد هن طرح لکيل آهي:

> هن سيميسٽر ۾ شاگردن کي سنڌي ٻولي جي اصليت ۽ قدامت جو تعارف, ٻيهڪ جون نشانيون, صورتخطي جو تعارف ۽ سنڌي ادب بابت بنيادي ڄاڻ ڏني ويندي ته جيئن شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي معلومات حاصل ٿي سگھي ۽ هو ٻوليءَ کي صحيح پڙهڻ ۽ لکڻ سان گڏ سنڌي صورتخطي کي صحيح طرح سمجھي سگھڻ جي اهل ٿي سگھن ۽ سندن ذهن ۾ سنڌي ادب جو بنيادي خاڪو واضح ٿي سگھي. (نصابي ڪتابچو 2020, 5)

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي لاءِ مقرر ڪيل سنڌي لازمي جي نصابي ڪتاب جي پھرئين مضمون جو حاصل مقصد واضح ڪونھي. پھريون جملو آهي: ”تحرير جي حاصل مطلب, لفظي, فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگھي. “ هن جملي جو پھريون حصو آهي, ”تحرير جي حاصل مطلب“ جيڪو ”جي حاصل مطلب“ بدران ”تحرير جو حاصل مطلب“ ٿيندو. جملي جو اڳيون حصو آهي, ”لفظي, فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگھي. ” ڪير ، لفظي, فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگھي؟ حاصل مطلب ۾ ”ٽارگيٽيڊ ريڊر“ لازمي طور تي ڏيڻ گھرجي. هن مضمون جي سکيا جو حاصل مقصد هن طرح هئڻ گھرجي:



(هي مضمون پڙهڻ کان پوءِ شاگرد نه رڳو مضمون جي لفظي, فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهه ٿي سگھي ۽ نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگھي, بلڪ لازمي آهي ته شاگرد نبي سڳوري جي سيرت کان پڻ آگاهه ٿي سگھي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ پنھنجي اخلاقي تربيت ڪري سگھي. ان سان گڏ مضمون پڙهڻ کان پوءِ شاگرد هن مضمون مان اڀرندڙ امڪاني سوال پڻ حل ڪرڻ جي اهل ٿي سگھي. )

هن نصابي ڪتاب ۾ ”سکيا جي حاصلات“ پڙهڻ کان پوءِ لڳي ٿو ته هي سٺون سنئون سڌو ڪنھن ٻي ٻوليءَ جي تحرير مان ترجمو ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن: جن جو مضمون ”حضور اڪرم صلي الله عليه و عليٰ آله و اصحابه وسلم جن جا اخلاق مبارڪ“ سان سڌو سنئون ڪوبه تعلق ناهي. هئڻ ائين گھرجي ته ”سکيا جي حاصلات“ کي واضح طور لکيو وڃي ۽ مضمون پڙهڻ کانپوءِ شاگرد جي ذهن ۾ ويھندڙ تصور ۽ خاڪي کي چٽو ڪيو وڃي ته جيئن شاگرد دلچسپيءَ سان مضمون پڙهي.

سکيا جي حاصلات“ کان پوءِ مضمون شروع ٿئي ٿو جنھن جي ابتدا ۾ نبي سڳوري جو نالو ۽ ان جي معنيٰ هن ريت ڏنل آهي:

> حضرت محمد رسول الله خاتم النبيين صلي الله عليه و عليٰ آله و اصحابه وسلم (ترجمو: حضرت محمد, الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي, سندن (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنھم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) (سنڌي لازمي, 2022, 6)

نبي سڳوري جي عربيءَ ۾ لکيل نالي ۾ ”و“ ٽي ڀيرا آهي: جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل نالي ۾ پنج ڀيرا ”۽“ لکيل آهي. نبي سڳوري جو نالو مبارڪ ٽن سٽن ۽ چاليھن لفظن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ترجمي جو مطلب ڪنھن به ڳالھه کي آسان ۽ سولو ڪري سمجھائڻ هوندو آهي. هتي نبي سائينءَ جي نالي مبارڪ کي آسان ۽ سولو ڪرڻ بدران اڃان وڌيڪ ڏکيو ڪري لکيو ويو آهي ۽ ترجمي ۾ ”اجمعين“جھڙو ڏکيو لفظ پڻ ڪتب آندو ويو آهي. جنھن جي معنيٰ آهي ”انھن مڙني تي/انھن سڀني تي“. هن ئي صفحي جي آخري سٽ ۾ لفظ ”نبي سائين“ بنان حمزي جي لکيو ويو

آهي، جنهن ۾ ”ءَ“ ايندو. جملو هن طرح آهي، ”ڪنهن اصحابي سڳوري، نبي سائين جي اخلاق مبارڪ بابت پڇيو“ هن جملي ۾ لفظ ”سائين“ بدران ”سائينءَ“ اچڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هن جملي ۾ نبي سائينءَ جي مبارڪ ذات ڏانهن اشارو ٿيل آهي.

ڪتاب جي اڳئين صفحي تي ڪجهہ ٻيهڪ جي نشانين جو چڪون آهن. جيئن ، ”ٻاجهارا،رحمدل“، . . ”خالي ڪونہ موٽايو.پاڻ . . .“ هڪڙي پيري هڪ اصحابيءَ جي شادي هئي ۽ وليمي لاءِ وٽس ڪجهہ بہ ڪونہ هو . حضور اڪرم صلي الله عليہ و عليٰ آلہ و اصحابہ وسلم جن اصحابيءَ کي فرمايو تہ: ”ام المومنين حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها وٽان اٽي جي ڳوٿري گهرائي وٺ “.(سنڌي لازمي، 2022، 7)

هنن سٽن ۾ لفظن ”ٻاجهارا ۽ رحمدل“ جي وچ ۾ وٿي ڏيڻ کان پوءِ ڪاما جي نشاني اچڻ گهرجي ۽ ”خالي ڪونہ موٽايو“ کان پوءَ واري فل اسٽاپ کان پوءِ وٿي اچڻ گهرجي. ”وليمي لاءِ وٽس ڪجهہ بہ ڪونہ هو“ کان پوءِ ڪاما بدران فل اسٽاپ ايندو. ۽ ”فرمايو تہ“ کان پوءِ ڪاما ايندي. ٻيو تہ نبي سائينءَ جي دور جي شادي لاءِ لفظ ”وليمو“ استعمال ڪرڻ مناسب نٿو لڳي. لفظ ”وليمو“ ايندي ئي جديد دور جي شادي جو تصور ذهن ۾ اچي ٿو. هن ئي صفحي تي ”يتيمن جا يار“ اصطلاح لکيل آهي. جنهن جي جاءِ تي ”يتيمن جا پرجهلا“ هئڻ گهرجي. ساڳئي ئي صفحي تي، ”جُتيءَ کي ڳنڍ ٽوپو ڏيڻ“ لکيل آهي، جنهن جي بدران ”جُتي ڳنڍڻ“ لکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ”ٽوپي“ سان ڪپڙي جو تصور ذهن ۾ اچي ٿو. هن ڪتاب جي اڳئين صفحي تي لکيل آهي تہ ، ”پاڻ ڪريم صلي الله عليہ و عليٰ آلہ و اصحابہ وسلم جن جڏهن وصال ڪيو.تڏهن حالت اها هئي، جو سندن زرهہ ٽن سيرن عيوض، هڪ يهوديءِ وٽ گروي رکيل هئي. “ ((سنڌي لازمي، 2022، 8)

نبي سڳوري جن جي ذات مبارڪ لاءِ ”حالت اها هئي“ جهڙو جملو لکڻ مناسب نٿو لڳي. هن مضمون جي ”مشق“ واري ڀاڱي ۾ يارنهن ڏکيا لفظ ڏنل آهن، ۽ معنيٰ واري ڀاڱي ۾ ڏهن لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. هن مضمون ۾ لفظ ”قول“ وعدي جي معنيٰ ۾ ڪتب آندل آهي. عام طور تي لفظ ”قول“ معنيٰ ”چوڻي“ آهي.جڏهن ڪنهن بہ مضمون ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪيل هجن، جن جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ٿي سگهن تہ اهڙن لفظن جي معنيٰ لازمي طور تي ڏيڻ گهرجي. جيڪا هتي ناهي ڏني وئي.



مجموعي طور تي هن مضمون ۾ ٻيهڪ جي نشانين جي غلطين سان گڏ، لفظن ۽ جملن جون غلطيون پڻ موجود آهن. هيءُ ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب جو ”آزمائشي ڇاپو“ آهي، انڪري لازمي طور تي انهن غلطين کي ڪڍي نئون ڇاپو شايع ڪيو وڃي.

هن ڪتاب جو اڳيون مضمون، ”حضرت امام حسين عليہ السلام“ آهي. هيءُ مضمون سيد شير شاهہ بخاريءَ جو لکيل آهي. مضمون کان اڳ ۾ سندس مختصر تعارف ڏنل آهي. سيد شير شاهہ بخاري 2021ع ۾ وفات ڪري ويو هو پر هن ڪتاب ۾ ڏنل سندس سمورو تعارف زمان حال ۾ ڏنل آهي. جيئن:

> سيد شير شاهہ بخاري سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، نثر نويس، تعليمدان، محقق ۽ لغت نويس آهي. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان ’مادري ٻوليءَ جي سکيا‘ اهم ڪتاب آهي. (سنڌي لازمي، 2022، 13)

ڇاڪاڻ تہ شير شاهہ بخاري 2021ع ۾ وفات ڪري ويو، ان لاءِ لازمي طور تي سندس تعارف ماضيءَ ۾ ڏيڻ گهرجي.

هن مضمون جي ابتدا ۾ ”سکيا جي حاصلات“ جي عنوان سان هي سٽون لکيل آهن:

> تحرير جي مرڪزي خيال، نڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. متن کي سمجهي حقيقتن تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏئي سگهي. اصطلاحن جي معنيٰ لکي سمجهي سگهي. لفظن جا ضد لکي سگهي. لفظن جا اشتقاق ڪري سگهي. (سنڌي لازمي، 2022، 14)

سکيا جي حاصل مقصد لاءِ لکيل هي سٽون پڻ مضمون کان گهٽيون پري بيٺل آهن، حالانڪ حاصل مقصد مضمون جي مرڪزي نقطي کي واضح ڪندو آهي.
مضمون، ”حضرت امام حسين عليہ السلام“ڇئن صفحن تي ٻڌل آهي. هن مضمون ۾ ٻيهڪ جي نشانين جي غلطين سان گڏ پروف جون پڻ چڪون آهن. جيئن لفظ ”سانئڻ“ کي ”سائڻ“ لکيو ويو آهي. لفظ”بعيت“ ٻن جاين تي ”بيعت“ لکيو ويو آهي. صفحي 16 تي ”خواتين ۽ ٻار“ لکيل آهي، جيڪو ”عورتون ۽ ٻار“ هئڻ گهرجي. صفحي 17 تي ”سر ڏئي سرهو ٿيو“ لکيل آهي، جيڪو ”سر ڏئي سرخروٿيو“ لکڻ گهرجي. ساڳئي ئي صفحي ”شمر جي هشي“ لکيل آهي، جيڪو ”شمر جي سازش“ هئڻ گهرجي. مشق واري ڀاڱي ۾ سوال ڏنل آهي تہ: ”11 هہ تي اهل بيت کي کهڙا

ڏکوئيندڙ حادثا پيش آيا؟“ هتي ڏکوئيندڙ حادثا ” بدران ”ڏکوئيندڙ واقعا“ ٿيڻ گهرجي.

هن مضمون ۾ ”بيبي فاطمہ سلام الله عليها“ جو نالو ”عليها السلام“ سان لکيل آهي. مذکر پاڪ هستين لاءِ ”عليہ اسلام“ لکبو آهي ۽ مونث پاڪ هستين لاءِ ”سلام الله عليها“ لکبو آهي.

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ چوڏهن ڏکيا لفظ لکيا ويا آهن. جڏهن تہ معنيٰ واري ڀاڱي ۾ يارنهن لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي.

مجموعي طور تي مضمون، ”حضرت امام حسين عليہ السلام“ ۾ پڻ پروف توڙي بيهڪ جي نشانين جون گهٽيون غلطيون موجود آهن؛ جن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڪتاب جو اڳيون مضمون، ”علامہ آءِ آءِ قاضي“ آهي. هن مضمون جي شروع ۾ ”سکيا جي حاصلات“جي عنوان سان هي سٽون لکيل آهن.

> تحرير جي حاصل مطلب، لفظي، فڪري ۽ فني خوبين کان آگاهہ ٿي سگهي. تحرير جي مرڪزي خيال، نڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. سوالن جا جواب ڏئي سگهي. اسم جو ڦيرو ڄاڻي سگهي. نون لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. مرڪب لفظ لکي سگهي. عبارت ۾ تشبيهہ ۽ استعاري کي سڃاڻي سگهي. (سنڌي لازمي، 2022، 19)

هي سٽون ٿورڙي ترتيب جي ڦيري سان پهرين مضمون تان کنيل آهي. جنهن جو پڻ هن مضمون سان ڪوبہ سنئون سڌو واسطو ناهي.

هيءُ مضمون افسانوي انداز سان شروع ٿئي ٿو:

> اهو لنڊن جو هڪ ريلوي پليٽ فارم هو. ريل گاڏي ڇٽڻ واري هئي ۽ مسافر تڙ تڪڙ ۾ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي رهيا هئا. انهن مسافرن ۾ ٻہ ڄڻا سنڌ جا بہ هئا. انهن مان هڪ ڄڻو تہ صحيح گاڏي ۾ چڙهي ويو ۽ ٻئي کي جيڪو گاڏو مليو ان ۾ چڙهي پيو. اندر پهچي ڇا ڏسي تہ سڄي گاڏي ۾ هڪڙي اڪيلي سهڻي ڇوڪري ويٺي آهي، گاڏي بہ هلڻ لڳي هئي. هاڻي ڇا ڪري؟ ( (سنڌي لازمي، 2022، 19)

هيءُ افسانوي ٽڪرو ڪيترائي سوال اٿاري ٿو جن ۾ ڪجهہ اهم سوال آهن: پهريون سوال اهو ٿو اڀري تہ اهو ٻيو سنڌي شخص ڪهڙو هو؟ جيڪو علامہ آءِ آءِ قاضي سان گڏ ريل ۾ سوار ٿيو. ان شخص جو هن مضمون ۾ اڳتي ڪٿي بہ ذڪر ٿيل ناهي.



جيڪڏهن ذڪر ٿيل ناهي تہ شروع ۾ بنا نالي جي ان جو ذڪر ڇو ڪيو ويو آهي؟ ٻيو سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ علامہ آءِ آءِ قاضي جڏهن ريل جي اهڙي گاڏي ۾ سوار ٿيو، جنهن ۾ اڪيلي عورت ويٺي هئي تہ ان ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهہ هئي جو مضمون نگار کي لکڻو پيو تہ ”اندر پهچي ڇا ڏسي تہ سڄي گاڏي ۾ هڪڙي اڪيلي سهڻي ڇوڪري ويٺي آهي، گاڏي بہ هلڻ لڳي هئي. هاڻي ڇا ڪري؟“ ٽيو اهم سوال اهو بہ اڀري ٿو تہ علامہ صاحب جي ان ريل ۾ سوار ٿيڻ جي ”واقعي“ کي ڪنهن رپورٽ ڪيو؟ هي مضمون اڳتي بہ افسانوي انداز ۾ وڌي ٿو.”اجنبي دوشيزه ڪيس ويهڻ لاءِ گهڻو ئي چوندي رهي. پر هن کان رڳو ايترو ئي اڪليو تہ ”سائڻ معاف ڪجو مان پرديسي آهيان. ٻيل سان هن گاڏي ۾ چڙهي پيو آهيان. ريل بيهي تہ لهي ويندس!“ (سنڌي لازمي، 2022)

مضمون ۾ جملن جون بہ ڪجهہ غلطيون موجود آهن. جيئن، ”قاضي صاحب سان سندس شادي 1910ع تي جرمنيءَ ۾ ٿي“ هن جملي ۾ ”1910ع تي“ غلط لکيل آهي. اهڙي جملي ۾”تي“ ان جاءِ تي استعمال ڪبو آهي؛ جڏهن ڪا تاريخ واضح آهي؛ سموري سال لاءِ ”تي“ لکڻ مناسب ناهي.

مضمون جو اڳيون جملو آهي، ”علامہ صاحب جو پورو نالو امداد علي آهي، ۽ پيءُ جو نالو قاضي امام علي انصاري آهي.“ هيءُ جملو هن طرح درست ٿيندو تہ: ”علامہ صاحب جو پورو نالو امداد علي <u>هو</u> ۽ <u>سندس</u> پيءُ جو نالو قاضي امام علي انصاري <u>هو</u>.“ هن هڪ جملي ۾ ٽي غلطيون آهن.

مضمون ۾ اڳتي لکيل آهي تہ:

> لنڊن ۾ علامہ صاحب پهريون هڪ سال خانگي طور تي اقتصاديات جو اڀياس ڪيو.ٻئي سال لنڊن اسڪول آف ايڪنامڪس ۾ داخلا مليس، اتي ڊاڪٽر ڪئنن سندس استاد هو. ان سان گڏوگڏ پاڻ ڊاڪٽر آرنلڊ کان نفسيات ۽ پروفيسر هابهائوس کان عمرانيات ۾ تعليم پرائيندو رهيو. طبعيات ۽ حياتيات جو پڻ پنهنجي ليکي اڀياس ڪندو رهيو. جامعہ الازهر جي استاد شيخ گوما کان سواءِ ڊاڪٽر ٽريٽن عربيءَ ۾ سندس استاد رهيا. 1911ع ۾ علامہ صاحب کي لنڪنس مان بار ائٽ لا جي ڊگري ملي. (سنڌي لازمي، 2022)

جهڙي طريقي سان علامہ صاحب جي تعليم جو سفر مٿي بيان ڪيل آهي، ڇا نائين درجي جي ٻار کي علامہ صاحب جي تعليم جو هيءُ سفر سمجهہ ۾ ايندو؟ ڪڏهن بہ نہ. ٻار منجهي پوندو. ڇاڪاڻ تہ مضمون ۾ ڄاڻايل آهي تہ علامہ صاحب لنڊن ۾ هڪ سال خانگي طور اقتصاديات جو اڀياس ڪيو. ٻئي سال ڪيس لنڊن اسڪول آف ايڪنامڪس ۾ داخلا ملي. اتي ڊاڪٽر ڪئنن سندس استاد رهيو. ڊاڪٽر آرنلڊ کيس نفسيات پڙهائي، پروفيسر هابهائوس کان عمرانيات جي تعليم ورتائين. طبعيات، حياتيات ۽ عربي بہ پڙهيو ۽ ڊگري وري ڪيس "بار ائٽ لا" جي ملي. جڏهن تہ مضمون ۾ ڄاڻايل آهي تہ علامہ صاحب جو ماسات بئريسٽر ائٽ لا (بار ائٽ لا) ڪرڻ لاءِ انگليئنڊ پئي ويو تہ علامہ صاحب کي عليگڙهہ مان گهرائي ان سان گڏ انگليئنڊ موڪليو ويو. بار ائٽ لا ڪرڻ پئي ويو علامہ صاحب جو ماسات ۽ ڊگري ملي علامہ صاحب کي؟ بنان ڪنهن سبب جي مضمون ۾ هٿ ٺوڪيا ابهام پيدا ڪيا ويا آهن، جنهن سبب شاگردن کي مونجهارو در پيش اچي ٿو. هيءُ سمورو مضمون يا تہ ايڊٽ ٿيڻ گهرجي، جي نہ تہ علامہ صاحب تي مدد علي سنڌي صاحب هڪ ڀرپور ڪتاب لکيو آهي، ان ڪتاب مان مدد وٺي مناسب مضمون تيار ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ ٻيارنهن ڏکيا لفظ ڏنا ويا آهن، جڏهن تہ معنيٰ واري ڀاڱي ۾ نون لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. مشق واري ڀاڱي ۾ ٽي هڪ سوال پڇيل آهي تہ "علامہ صاحب جو وڏي ۾ وڏو زنده ڪارنامو ڪهڙو آهي؟" ڇا ڪو وڏو ڪارنامو "مرده" بہ ٿيندو آهي؟ مشق واري ڀاڱي ۾ "زنده" جو ضد پڻ پڇيو ويو آهي. ضدن ۾ "استاد" جو ضد پڻ پڇيو ويو آهي. جيڪو يقينن "شاگرد" ٿيندو. پر نصابي ڪتاب ۾ اهڙا ضد شامل نہ ڪرڻ گهرجن ان سان شاگردن جي نفسيات ناڪاري اثر ڇڏيندا. ۽ هو واقعي بہ استاد کي پنهنجو "ضد" سمجهڻ لڳندا.

هن ڪتاب جو اڳيون مضمون، ؟"گنجي ٽڪر جو سير" آهي. مضمون هاڪاري عالم سيد ميران محمد شاهہ جو لکيل آهي. مضمون کان اڳ سيد ميران محمد شاهہ جو جيڪو مختصر تعارف ڏنو ويو آهي، ان کي پڻ ايڊٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن مضمون جي شروع ۾ "سکيا جي حاصلات" جي عنوان سان لڳ ڀڳ ساڳيون سٽون لکيل آهن، جيڪي گذريل مضمونن جي مهڙ ۾ ڏنل آهن. حالانڪ هر مضمون



جي "سکيا جي حاصلات" الڳ هئڻ گهرجي. جيئن هن مضمون يعني "گنجي ٽڪر جو سير" جي سکيا جي حاصلات هيءَ هئڻ گهرجي تہ هيءُ مضمون پڙهڻ کانپوءِ شاگرد هڪ تاريخي ماڳ کان واقف ٿيندا. منفرد نثر ۽ ٻوليءَ بابت ڪين خبر پوندي، ڀتا لفظ سمجهي سگهندا. تجنيس حرفي بابت ڪين ڄاڻ ملندي، هو منظر نگاري سمجهي سگهندا. جانورن ۽ پکين جا نالا ۽ انهن جي ٻولين لاءِ مخصوص لفظ سمجهي سگهندا.

مثال طور هن مضمون جون ڪجهہ سٽون ڏجن ٿيون:

> منظر نگاري: ڪاري رات پرهہ ڦٽي پرڀات کان موڪلائي، پنهنجي مڪان ڏي موٽي رهي هئي. پکي پکڻ ماٺهو مرون، ننڍ نيٽان ڪيڏي پاڻ واحد جي واڪاڻ ۾ رنيائي ۽ ريجهائي رهيا هئا. . . ڏنوسين تہ منداٽن مينهن رٽن ۾ ريج ڪري اوپر اوپاري، جبل کي جنسار ۾ آٽي ڇڏيو هو. ڇا هيناهين، ڇا کوهہ، ڇا کڏ، ڇا لڪ ڇا لانگهو ڇا راهہ ڇا رَند سڀ اهڙا تہ سرسبز ۽ ساوا نظر آيا ٿي، جو ڄڻ قدرت جي ڪنوار پنهنجي سينگار لاءِ سائي ساڙهي ٻڌائڻ جو ارادو ڪيو هو. (سنڌي لازمي, 2022, 25)

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ شاگردن کي منظر نگاريءَ جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏني وڃي. ڪين منظر نگاريءَ جا قسم پڻ سمجهايا وڃن.

پکين جون ٻوليون: "ڪانوَن جي ڪان ڪان، ڪبوترن جي گُو گُو ڇَتن جي ڇهہ ڇهہ ۽ هيڙهن جي هُو هُو" (سنڌي لازمي, 2022, 27)

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ شاگردن کي مختلف پکين جي لاٽين ۽ ٻولڙين بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وڃي.

> تجنيس حرفي: اهڙيَ روح کي راحت ڏيندڙ سيني کي سرور بخشيندڙ ساعتَ سيد کي سير ۽ سواريَ جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. خاوند جي خدمت کان خالي ٿي، صحبتين سان صلاح ڪري، سير جو سامان تيار ڪري ويچار ۾ رهياسين تہ ڪهڙي مڪان بهشت سمان جو ديدار فرحت آثار حاصل ڪري، دل بهلائجي ۽ روح ريجهائجي. (سنڌي لازمي, 2022, 25)

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ شاگردن کي تجنيس جي سڀني قسمن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وڃي ۽ کين خاص طور تي تجنيس حرفي جي مشق ڪرائي وڃي.

نثر مقفيٰ جو مثال : اُتاهين هئي اوچي، تنهن تي چڙهياسين ته نمي ۽ نوڇي، پر نه هو لڪ نه لانگهو وري سر جو سانگو سو ڏونگر جي ڏاڪڻ ڏاڍي ڏکي نظر آئي. پر اسين مرد ميدان، جوڌا جوان هئاسين، سو هرگز نه موٽياسين، تان جو ٽڙي ٽڪي، جهڄي جُهري، اچي ڪوهه جي ڪنڌ تي ڪڙڪياسين (سنڌي لازمي، 2022، 27)

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ شاگردن کي نثر جي مختلف قسمن جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏني وڃي، کين نثر مقفيٰ جي مشق ڪرائي وڃي.

گاهن ۽ گلن جا قسم: ڏامڻ ۽ ڏيور، تل ۽ تراين جي ڪنار سبزه زار بڻائي هئي. للر ۽ لَنب، جبل جي جسم کي جامہء زمردين پهرائي عجب گلڪار لڳائي هئي. نرم نرم وٿائتيءَ زمين تي موٺ ۽ مکڻين جي موج هئي. جتي ڪٿي ميها ۽ مُنگها پوڄ، جبل جي ميدان تي وري ڪي چوٽيون چوٽيون ٽڪريون نظر آيون ٿي...ڏنار ڪٿوريءَ پنهنجي خوشبوءَ ۽ خستوري پٽن تي پکيڙي مارو ماڻهن جو مغز معطر ڪيو ٿي. ٻاڳون ۽ ٻاڳا، ٻُم ۽ ٻگنڊير، سڀ بوند برسِڻ بود ۾ آندا هئا. ( (سنڌي لازمي، 2022، 26)

مختلف آوازن جا نالا: اجا اتي ٽڌڪار ۾ ويٺي ٽڪ پڳاسين، ته ٽلين جي ٽڻ ٽڻ ۽ چڙن جي چڻ چڻ جو آواز ڪن تي پيو. انهيءَ منئيءَ منئيءَ ٽلين جي ٽڻ ٽڻ سان گڏ وري نڙ ۽ ريڊار جي روح ريجهائيندڙ رڙ از حد آرام ڏيئي ڇڏيو. ٿوري وقت ۾ ڏٺوسين ته ويجهيءَ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان ٻڪريون ٻيٻرات ۽ رڏون رڙاٽ ڪنديون لهڻ لڳيون.

هن مضمون ۾ ٻٽا لفظ استعمال ٿيل آهن. خاص طور تي خوبصورت ثانوي لفظ ڏنل آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ۾ ڄاڻايو آهي ته.

ثانوي لفظن جي ذخيري کي ماهرن ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. اُهي آهن: (الف) مرتب لفظ (Complex Words) ۽ مرکب لفظ (Compound words). (الانا، 2004، 344)



مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ ٻٽن لفظن بابت ڄاڻ ڏني وڃي.

ٻوليءَ جي اعتبار کان هيءُ مضمون شاهڪار نثر جو نمونو آهي، پر چاڪاڻ ته هيءُ مضمون گهڻو آڳاٽو لکيل آهي ان ڪري هن جا ڪافي لفظ شاگردن کي سمجهه ۾ نه ايندا، کين انتهائي خبرداريءَ سان هيءُ مضمون پڙهائي سمجهايو وڃي. اسان مشق طور ڪجهه استادن کان هيءُ مضمون پڙهايو آهي، جن مان اڪثر هيءُ مضمون درست تلفظ ۾ نه پڙهي سگهيا ۽ گهڻن لفظن جي معنا پڻ نه ٻڌائي سگهيا. مضمون جي پڇاڙيءَ ۾ استادن لاءِ ڪجهه ضروري هدايتون پڻ ڏنيون وڃن.

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ "سرگرمي" جي عنوان سان سنو سوال پڇيل آهي ته "اوهان ڪنهن ماڳ جو سير ڪيو هجي ته ان بابت لکو".

ڪتاب جو اڳيون مضمون "سنڌي ادب جي تاريخ" آهي. هن مضمون جي سکيا جي حاصلات ۾ "ٻٽا يامرڪب لفظ لکي سگهي" جو اضافو آهي. جيڪو حقيقت ۾"گنجي ٽڪر جي سير" واري مضمون ۾ هئڻ گهرجي ها. چاڪاڻ ته ان مضمون ۾ ڪافي ٻٽا لفظ موجود آهن؛ پر پوءِ به اهو اضافو سنو آهي.

مضمون "سنڌي ادب جي تاريخ" انتهائي ڏکيو لکيل آهي؛ جيڪو نائين درجي جي ٻار جي سمجهه کان گهڻو مٿانهون آهي. ٽالپرن جي حڪومت جي دور جو سال ڄاڻايل ناهي. پروف جي چُڪن سان گڏ ٻيهڪ جي نشانين جون پڻ گهڻيون غلطيون آهن. هيءُ سمورو مضمون ٻيهر ايڊٽ ڪري "سنڌي ادب جو تعارف" جي عنوان سان ڏنو وڃي. جنهن ۾ ادب جي وصف سان گڏ سنڌي ادب جي دورن بابت مختصر ڄاڻ ڏني وڃي. مختلف دورن جي صرف انهن اديبن ۽ شاعرن جا نالا مضمون ۾ شامل ڪيا وڃن؛ جن ڪو نمايان ادبي ڪارنامو سر انجام ڏنو هجي.

ڪتاب جو اڳيون مضمون، "سچائي" آهي؛ جيڪو مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي. مرزا قليچ بيگ جي تعارف جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل آهي ته "مرزا قليچ بيگ 3 جولاءِ 1929ع ۾ وفات ڪئي"

هن جملي ۾ گرامر جي اعتبار کان"۾" بدران لفظ، "تي" استعمال ٿيندو.

هن مضمون ۾ ٻيهڪ جي نشانين جون غلطيون موجود آهن. جڏهن ته مشق واري حصي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ هيٺ لفظ، "پچر" جي معنيٰ"گلا" ڏني وئي آهي. مضمون ۾ جملو هن ريت آهي: "تون، جيڪو سچ جي سونهن تي عاشق آهين ۽ انهيءَ سادگي ۽ صفائيءَ تي موهيو وتين، سو انهيءَ پنهنجي محبوب جي پچر متان ڇڏين." (سنڌي لازمي، 2022، 35)

ڇا لفظ، ”پڇر“ جي معنيٰ ”گلا“ ٿي سگهي ٿي؟ هن مضمون جي ڪافي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل ناهي.

ڪتاب ۾ هڪ مضمون، ”وسڪارو“ بہ شامل آهي؛ جيڪو محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو لکيل آهي. مضمون انتهائي ڏکي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي ۽ گهڻن ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏنل ناهي. خاص طور تي هن مضمون ۾ شامل هنن لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ ڏيڻ گهرجي ها. ”ٽپ ٽارڻ، ٽڪ ، ٽڙ ٽپ، ڍڪر، ڇنڊون، سيئين پارين، وهسڻ، ٻوڏ ۾ اڇڻ، ڪجليا، ٻيجليا، گهگهريون، اوڪاڻو پاڻي، پوسل، مرٽ، پنگري، ٻُڪن، ٽاٽو، تڙڪول، گوچارون، ڏهر ويٺر، مڙها مڙهڪيون، ٽوپا، ٽاڏ، جوها، ٽنپ، اوجل، ٽانئرا ٽيڻ، سرڳ سمان ۽ موهت وغيره“.

هن ڪتاب ۾”شاهہ جي ٻولي“مضمون بہ شامل آهي؛ جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تعارف ۾ لکيل آهي تہ ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ 16 ڊسمبر 1917ع ۾ پيدا ٿيو (سنڌي لازمي، 2022، 58)

گرامر جي اعتبار کان هن جملي ۾ چُڪ آهي. ”ضلعي سانگهڙ ۾ 16 ڊسمبر 1917ع ۾ پيدا ٿيو.“ بدران، ”ضلعي سانگهڙ ۾ 16 ڊسمبر 1917ع تي پيدا ٿيو.“ لکڻ گهرجي. جنهن سان بہ پيرا ڪتب آيل لفظ ”۾“ بہ ختم ٿي ويندو ۽ جملو پڻ درست ٿي ويندو.

هن مضمون ۾ پڻ ڪافي ڏکيا لفظ ۽ اصطلاح موجود آهن، جن جي معنيٰ ڏنل ناهي. جن ۾ خاص طور تي ”ٻال جتي، اسلوب، ڪنايا، آميزش، ڪارو درس ۽ دور ٻڏائڻ، تر ۽ ٻر، اٽڪ، صرف ۽ نحو ڪماحقون، بي سود ۽ ڪي ٻيا لفظ شامل آهن؛ جن جي معنيٰ ڏنل ناهي.“ جڏهن تہ عام فهم لفظن کي ”ڏکيا لفظ“ لکي انهن جي معنيٰ ڏني وئي آهي، جن ۾ اوٽائي، آڳاٽو ۽ معياري شامل آهن.

ڪتاب جو اڳيون مضمون ”جمشيد نسروانجي_هڪ نيڪ دل انسان“ آهي؛ جيڪو مسز گل ڪي مينوالا جو لکيل آهي. اهو ساڳيو مضمون ٿورڙي تبديليءَ سان منور علي سومري جي نالي سان ”گل ڦل“ جلد 34 جي آڪٽوبر _ڊسمبر 2000ع واري شماري ۾ پڻ شايع ٿيل آهي.

جمشيد نسروانجي بابت سائين جي ايم سيد، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ گل حسن ڪلمتيءَ خوبصورت مضمون لکيا آهن؛ بهتر ٿيندو تہ اهي سيئي مضمون سامهون



رکي هڪ نئون مضمون لکي ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي؛ ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ موجود مضمون جي ٻولي سولي ڪانهي، نائين درجي جي شاگردن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. خاص طور تي هي جملا گهڻا منجهيل آهن:

> ماڻهوءَ ڏانهن جوابدهي جو احساس ڪنهن جي من ۾ ڪونهي. . .ڪراچي قرب ۽ پنهنجائپ جي شهر بدران رڳو رکائپ ۽ ڏُوريءَ جو شهر بڻجي ويو آهي.. .اسان جيڪڏهن جمشيد نسروانجي جي شخصيت ۽ ڪردار کي هڪ ئي لفظ ۾ بيان ڪرڻ چاهيون تہ اهو لفظ آهي، ’پاڻ ارپڻ‘ يا ’سرسيتائي‘. (سنڌي لازمي، 2022، 64)

هن مضمون جي مشق واري ڀاڱي ۾ ڏهہ ڏکيا لفظ لکيا ويا آهن، جڏهن تہ معنيٰ واري ڀاڱي ۾ نون لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. ڪجهہ ڏکين لفظن کي مشق ۾ شامل ناهي ڪيو ويو، جن ۾ ”جر ڦل، وير، سر سيتائي“ وغيره شامل آهن. ڪجهہ ڏکين لفظن جي معنا غلط ڏني وئي آهي جن ۾ لفظ ”اٽل“ جي معنيٰ اٽٽر، لفظ ”يگانو“ جي معنيٰ ماهر، هوشيار شامل آهي.

هن ڪتاب ۾ هڪ مضمون ”ڪڇي جو سير“ جي نالي سان بہ آهي؛ جيڪو پير حسام الدين راشديءَ جي ڪتاب، ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ تان ورتو ويو آهي. مضمون خوبصورت ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، پر هن مضمون کي اصل ڪتاب ۾ موجود پروف جي غلطين سميت اتاريو ويو آهي، جيئن هنن ٻن جملن ۾ بہ غلطيون آهن: ”ڪڇي ۾ غريب کي بہ ٻہ ٻہ چار مينهون ضرور هونديون، نہ تہ بدبخت سڏيو ويندو. وڏ ڀاڳين کي سؤ ڏيڍ کن مينهون ۽ ڳئون ٿينديون آهن.“ (سنڌي لازمي، 2022، 70)

پهرين جملي ۾ جتي ”ٻہ ٻہ“ لکيل آهي تہ اتي ”چار“ بدران”چار چار“ لکبو. يا وري گڏيل طور تي ”ٻہ چار“ لکبو. اڳئين جملي ۾ ”وڏ ڀاڳين“بدران ”وڏن ڀاڳين“ ٿيندو. هن ئي مضمون ۾ اڳتي لکيل آهي”پاڻ ڀاڳين کي ساوڻ جو دونهن جي ڪم ۾ ايندو آهي، ۽ سياري جو ڪنو ڪندا ويندا آهن.“ (سنڌي لازمي، 2022)

هن جملي ۾ لفظ ”ساوڻ“ ۾ ”ن“ گهٽُو استعمال ٿيندو ۽”ساوڻ“ بدران ”سانوڻ“ لکبو. جڏهن تہ لفظ ”دونهن“ بدران ”دونهون“ ٿيندو. عام طور تي ڀاڳيا سانوڻ ۾ پنهنجي مال کي مڇرن کان بچائڻ لاءِ پاڻ جو دونهون ڪندا آهن.

هن مضمون ۾ ڪانهن، ٻاهڻ، ڪنڙي ۽ سرنهہ جهڙا لفظ ڪتب آندل آهن؛ جن کي سمجهائڻ لاءِ مشق ۾ لازمي طور وضاحت يا سوال هجڻ گهرجن.

***نتيجا:***

مجموعي طور تي هن ڪتاب جي مضمونن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ ڪتاب ۾ موجود اڪثر مضمونن ۾ پروف، بيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جون غلطيون موجود آهن. جملن جي بيهڪ کان ويندي اڪثر جاين تي غلط تاريخي ڳالهيون ڏنل آهن. ڪجهہ هنڌن تي اهم ڳالهيون رهايون ويون آهن تہ ڪجهہ جاين تي غير اهم ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن. نصابي مضمون هڪ خاص ٽيڪنيڪ تحت لکبو آهي؛ ان ۾ موضوع بابت بنيادي ڄاڻ لازمي طور تي شامل ڪبي آهي. پر هن ڪتاب ۾ موجود اڪثر مضمونن ۾ موضوع بنيادي ڄاڻ شامل ناهي. معنيٰ واري ڀاڱي ۾ پڻ ڪيترن ئي لفظن جي معنيٰ غلط ڏني وئي آهي. اهڙا ڪجهہ لفظ تہ هن مقالي ۾ اڳ ئي ڏنا ويا آهن؛ ڪجهہ لفظ هتي ڏجن ٿا. لفظ"اگهور" جي معنيٰ اونهو ۽ گهرو ڏني وئي آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي، "گهري ننڊ". لفظ "اپسرا" جي معنيٰ سهڻي عورت ڏني وئي آهي؛ جنهن جي معنيٰ ٿيندي، "پري". لفظ "گوندر"جي معنيٰ ڳڻتي، سنڀال ۽ خبرداري ڏني وئي آهي، اصل ۾ لفظ "گوندر" جي معنيٰ آهي، "ڏک"،لفظ "چڙو" جي معنيٰ "ڳڻُ" بہ ڏني وئي آهي، جيڪا بلڪل غلط آهي. لفظ، "نوبت" جي معنيٰ "گهمرو" ڏني وئي آهي؛ جنهن جي معنيٰ ٿيندي، "صورتحال". مطلب تہ گهڻن لفظن جون غلط معنائون ڏنيون ويون آهن. ٻئي پاسي ڪيترائي ڏکيا لفظ بغير معنيٰ جي ڏنا ويا آهن. اڪثر مضمونن ۾ "سکيا جي حاصلات" يا آبجيڪٽوس آف دي اسٽڊي درست ڏنل ناهن. گهڻين مضمونن جي "سکيا جي حاصلات" ڪاپي ڪري ساڳي ئي رکي وئي آهي؛ جڏهن تہ هر مضمون، شعر، ڪهاڻي توڙي ٻي تحرير جي "سکيا جي حاصلات" الڳ ٿيندي.

***سفارشون:***

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي لاءِ ترتيب ڏنل نصابي ڪتاب،"سنڌي لازمي" ۾ پروف جي چُڪن سان گڏ، بيهڪ جي نشانين، لفظن، جملن، زمان، مڪان ۽ گرامر جون تمام گهڻيون غلطيون موجود آهن، جن کي انتهائي خبرداريءَ سان درست ڪيو وڃي. ڪيترائي مضمون گهڻا آڳاٽا لکيل آهن جن مان ڪن ٿورڙن کي ڇڏي ٻين جي ڪابہ



علمي ۽ ادبي اهميت ناهي؛ انهن کي ختم ڪري نصاب ۾ نوان مضمون شامل ڪيا وڃن. هيءُ نصابي ڪتاب نئين سر ماهرن جي ڪاميٽيءَ کي موڪليو وڃي ۽ کين گذارش ڪجي تہ ڪتاب جو "ٽارگيٽ ريڊر" نائين درجي جو ٻار آهي؛ هو ان جي عمر، تجربي ۽ گذريل تعليمي ۽ نصابي ڪتابي ڄاڻ کي سامهون رکي هيءُ ڪتاب ٻيهر ترتيب ڏين. غلط معنائن کي درست ڪيو وڃي. جتي ضرورت هجي اتي مناسب تصويرون يا اسڪيچ ڏنا وڃن.

حوالا:

الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. (2004). سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد. ڪراچي سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي.

جويو محمد ابراهيم. (2015). ادب ٻولي ۽ تعليم. حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. ٻيو ڇاپو

سنڌي لازمي، نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ (2022). ڪراچي سنڌ: پيراماؤنٽ پرنٽنگ پريس. بڪ ٽائٽل

نصابي ڪتابچو. (2020). ڪراچي سنڌ: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي

https://researcher.life/blog/article/what_are_research_objectives_how_to_write_them_with_examples/

https://sindhi.voiceofsindh.com.pk/post/16576